29 آڪٽوبر 2026ء (بمطابق 17 جمادي الاول 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

بيچيني ۽ جا اسباب ۽ حَلُ

(معاشري ۾ وڌندڙ بيچيني ۽ جا اسباب ۽ انهن جي حل جي باري ۾ بيان)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... بيچيني ۽ جي حقيقت
- ... بي چيني ۽ جو سبب، معلومات جي ڪثرت
- ... بي مقصد زندگي ۽ ڪان بچو!
- ... بيچيني ۽ جي وقت پڙهڻ واري دعا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ۚ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۚ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۚ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن شخص کي ڪنهن ڪم ۾ مشڪل پيش اچي ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهي.

فَاِنَّهَا تَحُلُّ الْعُقَدَ، وَتَكْشِفُ الْكُرَبَ

مفهومي ترجمو: جوتہ درود پاڪ تنگي، مصيبت ۽ پريشانين کي دور ڪندو آهي.

یاد کر کے شہِ دوعالم کو	پڑھیے با چشمِ نَم دُرود و سلام
وہ دعا مستجاب ہوتی ہے	جس میں ہوتا ہے ضَم دُرود و سلام
مشکلوں کے سبھی اندھیروں میں	ہے ضیاءِ کرم دُرود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو

[1]... القول البديع، الباب الخامس، صفحہ:219۔

تہ ! ۞ اللّٰه جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادَب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي دور جو هڪ تمام وڏو مسئل آهي:

۞ بيچيني (Restlessness) ۞ افسردگي (Depression) ۞ پريشاني ۞ مايوسي

هي مسئلو ايترو وڌندو پيو وڃي، جو بس چا ٻڌايان، هر ٻيو ماڻهو بيچينيءَ جو شڪار آهي، ڊپريشن ۾ مبتلا آهي ۞ ڪنهن کي گهر جا حالات بيچين ڪري رکندا آهن ۞ ڪو پنهنجي محرومين جي باري ۾ سوچي سوچي پريشان آهي ۞ ڪو امير ٻڌجڻ جا خواب ڏسندو رهندو آهي، جڏهن سندس خواب پورا نہ ٿيندا آهن تہ پريشان ٿي ويندو آهي ۞ ڪيترن ئي ماڻهن کي رات جو ننڊ نہ ايندي آهي، ليٽي ليٽي خبر ناهي الائي چا چا سوچيندا رهندا آهن ۞ ننڊ جون گوريون ڪائيندا آهن ۞ زندگيءَ ۾ هر طرف خوشيون آهن، اللّٰه پاڪ پنهنجو گهر ڏنو آهي، سڻي زال آهي، اولاد آهي، مٺ مائٽ آهن، ضرورت آهر رزق ملي رهيو آهي، ان جي باوجود اندر ئي اندر ۾ هڪ خال محسوس ٿيندو آهي، ائين لڳندو آهي تہ **زندگيءَ ۾ ڪا ڪَمِي آهي** ۞ ڪڏهن ڪڏهن بغير ڪنهن سبب جي طبيعت اداس ٿي ويندي آهي، ڪنهن سان ڳالهائڻ تي دل نہ چوندي آهي، دل ۽ دماغ تي مايوسي چانئيل رهندي آهي. هي سڀ ڪجهه ڇو آهي؟ اسان جي معاشري ۾ بيچيني ايتري ڇو وڌي رهي آهي؟ اڄ اسان ان جا اسباب ۽ انهن جو حل ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اچو تہ! سڀ کان پهريان سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

ڏيءَ....!! صبر ڪر ۽ ثواب حاصل ڪر!

حضرت زينب رضی اللہ عنہا پياري آقا صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم جون سڀ کان وڏيون شهزاديون آهن.[1]

اسان الحمدلله! مسلمان آهيون، اسان کي معلوم هئڻ گهرجي ته اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم جون **4 شهزاديون ۽ 3 شهزادا آهن.** وڏي شهزاديءَ جو پاڪ نالو ۞ حضرت زينب ۞ ان کان پوءِ حضرت رقيه ۞ پوءِ حضرت اُمِ ڪلثوم ۞ ۽ سڀني کان ننڍي ۽ سڀني کان لاڏلي شهزادي حضرت فاطمة الزهراء رضی اللہ عنہا آهن. شهزادن ۾ سڀني کان وڏا شهزادا ۞ حضرت قاسم ۞ انهن کان ننڍا حضرت عبدالله ۞ ۽ سڀني کان ننڍا شهزادا حضرت ابراهيم رضی اللہ عنہم آهن.[2]

خُونِ خَیْرُ الرُّسُل سے ہے جن کا خمیر
اُن کی بے لوث طِینَت پہ لاکھوں سلام
اور جتنے ہیں شہزادے اُس شاہ کے
ان سب اَہْلِ مَکَانت پہ لاکھوں سلام[3]

مفهوم: اسان جي پياري آقا صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم جي سموري اولادِ پاڪ، جن جي پيدائش سنڌن رت مبارڪ مان ٿي، پوءِ چاهي اُهي سنڌن شهزاديون هجن يا شهزادا، سڀني احترام ۽ عزت جي لائق آهن. انهن جي پاڪيزه ۽ بي عيب فطرت تي لکين سلام هجن.

خير! مان عرض ڪري رهيو هئس ته حضرت زينب رضی اللہ عنہا پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم جون وڏيون شهزاديون آهن. سنڌن ٻڌ، يعني محبوب صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم جا ڏوهٽا، حضرت **علي بن ابو العاص** رضی اللہ عنہ بيمار هئا. انهن ئي ڏينهن جي ڳالهه آهي ته هڪ ڏينهن محبوب صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم صحابہ

---

[1] آقا کے شہزادے وشہزادیاں، صفحہ:27۔
[2] آقا کے شہزادے و شہزادیاں، صفحہ:24 بتصرف قلیل۔
[3] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:309- 314ملتقطاً۔

ڪرام رضی اللہ عنہم سان گڏ تشريف فرما هئا: ايتري ۾ حضرت زينب رضی اللہ عنہا جي طرفان پيغام آيو ته بابا سائين...!! منهنجو پٽ آخري ساهَ ڪٽي رهيو آهي، جلدي تشريف ڪٽي اچو[1]. پياري آقا صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو ته منهنجي ڏيءُ کي وجي چئو ته:

لِلّٰهِ مَا اَخَذَ وَلَهٗ مَا اَعْطٰى

ترجمو: جيڪو ورتو ويو، اهو به الله پاڪ جو آهي ۽ جيڪو عطا ڪيو ويو، اهو به الله پاڪ جو ئي آهي.

وَكُلٌّ عِنْدَهٗ بِاَجَلٍ مُّسَمًّى فَلْتَصْبِرْ وَلْتَحْتَسِبْ

ترجمو: هر ڪنهن جو هڪ وقت مقرر آهي، صبر ڪر ۽ ثواب جي اميد رک.....!!

قاصد پيغام ڪٽي روانو ٿي ويو. ڪجهه دير کان پوءِ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم پاڻ پنهنجي ڏيءَ جي گهر تشريف ڪٽي ويا. پاڻ صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم پنهنجي ڏوهٽي کي پنهنجي مبارڪ هنج ۾ ڪنيو. ان وقت سندن شهزادي جو بلڪل آخري وقت هو، ساهه بس نڪرڻ تي ئي هو. انهن جي حالت ڏسي رسولِ اڪرم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي پاڪ دل غم سان ڀرجي وئي ۽ مقدس اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا. صحابيءِ رسول، حضرت سعد رضی اللہ عنہ، ويجهو ئي موجود هئا. عرض ڪيائون:

يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ! مَا هٰذَا؟

ترجمو: يا رسولَ الله صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم! هي ڇا آهي؟ (يعني اوهان ته صبر ڪرڻ وارن جا سردار آهيو، ان جي باوجود اوهان جي مقدس اکين ۾ ڳوڙها ڇو آهن؟)

هٰذِهٖ رَحْمَةٌ جَعَلَهَا اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِ عِبَادِهٖ

---

[1] عمدة القاری، کتاب الجنائز، باب قول النبی صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم یعذب...الخ، جلد:6، صفحہ:100-101، زیرِ حدیث:1284 بتصرف قلیل

ترجمو: اِها رحمدلي آهي، جيڪا الله پاڪ پنهنجي بانهن جي دلين ۾ رکي آهي.[1]

واقعي مان ملڻ وارا ڪجهه سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن حَسِين ۽ سبق آموز واقعي تي ٿورو غور فرمايو! هن مان اسان کي ڪيتريون ئي ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون.

(1): روئڻ جائز آهي

پهريون سبق اِهو ته مصيبت يا مشڪل جي وقت روئڻ جائز آهي، ان ۾ ڪو حرج نه آهي. ها! ۞ واويلا ڪرڻ ۞ پارَ ڪيڏ ۞ سِينو ڪُٹِڻ وغيره جائز نه آهي. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ڪجهه اک ۽ دل سان ٿئي، اُهو الله پاڪ جي طرفان آهي ۽ جيڪو ڪجهه هٿ ۽ زبان سان ٿئي، اُهو شيطان جي طرفان آهي.[2]

وضاحت: يعني ڪا مشڪل آئي، اسان جي دل کي ڏک پهتو، دل تي بار محسوس ٿيو ۽ اکين مان ڳوڙها وَهِي آيا ته اِهي ٻئي ڳالهيون بي صبري نه آهن، پر الله پاڪ جي طرفان آهن. الله پاڪ انسان جي فطرت ۾ اها ڳالهه رکي آهي ته جڏهن ڪا مشڪل پيش ايندي آهي ته دل پريشان ٿيندي آهي دل تي بار محسوس ٿيندو آهي ۽ اکين مان ڳوڙها وَهڻ لڳندا آهن تنهنڪري اِن تي ڪا پڪڙ نه آهي. ها! ۞ ماڻهو پنهنجن هٿن سان پنهنجو مٿو پٽيندا آهن ۞ سينو ڪُٽِيندا آهن ۞ پنهنجي منهن تي چَماٹُون هڻندا آهن ۞ زبان سان فضول ڳالهيون ڪندا آهن ۞ ڪجهه نادان ته ڪفريه الفاظ به بَڪي ويندا آهن. اِهي ٻئي ڳالهيون، يعني هٿن سان پاڻ کي ڪُٹِڻ ۽ زبان سان بي صبريءَ وارا جملا چوڻ، شيطان جي طرف ڪان آهن. تنهنڪري ڏکئي وقت ۾ روئڻ ۽ اکين مان ڳوڙهن جو وَهي نڪري بلڪل جائز آهي، ان ۾ ڪو به حرج نه آهي، پر اِها دل

---

[1] بخاری، کتاب الجنائز، باب قول النبی یعذب المیت...الخ، صفحہ:364، حدیث:1284 ۔

[2] مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:92، حدیث:2162۔

جي نرمي ۽ رحمدليءَ جي نشاني آهي. ها! زبان ۽ هٿن تي قابو رکڻ گهرجي.

(2): وڏَن سان تعلق قائم ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي تي هڪ ٻئي پهلوءَ کان به غور ڪريو! حضرت علي بن ابو العاص رضی اللہ عنہ جو آخري وقت هو، ان وقت حضرت زينب رضی اللہ عنہا تي ڇا گذري رهي هوندي؟ ظاهر آهي، ماءُ آهي، پٽ جي محبت جوش ۾ هوندي، غم جو سمنڊ دل ۾ چوليون هٽي رهيو هوندو، اهڙي مُشڪل گهڙيءَ ۾ حضرت زينب رضی اللہ عنہا ڇا ڪيو؟ پنهنجي پياري بابا جان، ٻنهي جهانن جي سلطان صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اوهان تشريف کڻي اچو، دل کي آٿت ملي ويندي.

امام ابنِ حجر عسقلاني رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: پاڻ رضی اللہ عنہا کي الهام ٿي ويو هو (يعني اِها ڳالهه الله پاڪ جي طرفان سندن دل ۾ اچي وئي هئي) ته جنهن تڪليف ۾ پاڻ مبتلا آهن، اُها پياري آقا صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي دعا ۽ سندن تشريف آوريءَ سان ئي دور ٿيندي. تنهنڪري پاڻ محبوب صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي خدمت ۾ پيغام موڪليائون[1].

هن مان اسان کي اِهو سبق سکڻ لاءِ ملي ٿو ته ۞ جڏهن ڏکيو وقت هجي ۞ دل بيچين ٿي رهي هجي ۞ حوصلا ٽٽي رهيا هجن ۞ برداشت جي طاقت جواب ڏئي رهي هجي ۞ بيچيني جيئڻ نه ڏيندي هجي، ته ان وقت بزرگن جي خدمت ۾، الله وارن جي خدمت ۾، خاص ڪري نبين جي سردار، مڪي مدني تاجدار صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي خدمت ۾ حاضري ڏيڻ گهرجي، انهن سان لنئو لڳائڻ گهرجي، ڇو جو انهن جي صدقي الله پاڪ بيچين دلين کي چين عطا فرمائيندو آهي.

سکونِ دل انیسِ جاں حضور تھے حضور ہیں | علاجِ گردشِ جہاں حضور تھے حضور ہیں
غموں کی بادِ تُند سخت ہوا میں حیات کی خزاؤں میں | مثالِ شاخِ گلفشاں حضور تھے حضور ہیں

[1] فتح الباری، کتاب الجنائز، باب قول النبی صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم یعذب...الخ، جلد:3، صفحہ:201، زیرِ حدیث:1284۔

اللّٰه وارن سان لَـنـئُو لڳايو!

پيارا اسلامي پائرو! اِها ڳالهه اسان وٽ گهڻ ٿيندي پئي وڃي، هن تي اسان کي توجهه ڏيڻ گهرجي ۞ دليون بيچين ٿيندڙيون آهن ۞ پريشانيون ايندڙيون آهن ۞ مشڪلاتون گهيري وٺندڙيون آهن ۞ ڪڏهن ڪڏهن بنا ڪنهن سبب جي به دل بيچين ٿي رهي هوندي آهي ۞ بس ائين ئي اندر خالي خالي محسوس ٿيندو آهي. اهڙي وقت ۾ اسان وٽ ماڻهو ڇا ڪندا آهن؟ ۞ ڪي سير و تفريح (Picnic) لاءِ نڪري ويندا آهن ته هوا بدلجندي ته ڪجهه سڪون ملندو ۞ ڪي دل وِندرائڻ (يعني Entertainment) جي نالي تي فلمون ۽ دراما ڏسڻ جو سهارو وٺندا آهن ۞ ته ڪي وري سوشل ميڊيا ۾ لڳي ويندا آهن.

پيارا اسلامي پائرو! اهڙي وقت ۾ ۞ درود پاڪ پڙهڻ گهرجي ۞ نبين جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضري ڏيڻ گهرجي ۞ اوهان جسماني طور يعني (Physically) مديني شريف نه ڏا پهچي سگهو ته ڪا ڳالهه ناهي، گهر جي ئي ڪنهن ڪنڊ ۾ تنهائيءَ ۾ ويهي رهو! درود پاڪ پڙهو! پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ياد ڪريو! سندن بارگاهه ۾ فرياد ڪريو! گنبذِ خضرا جو تصور ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! دل کي سڪون اچي ويندو.

اُن کے نثار کوئی کیسے ہی رَنج میں ہو | جب یاد آگئے ہیں، سب غم بُھلا دیئے ہیں

۞ اهڙي طرح اهڙن لمحن ۾ اللّٰه پاڪ جي نيڪ بانهن جي خدمت ۾ به حاضري ڏيندا ڪريو! ۞ انهن جي صحبت ۾ ويهو ۞ انهن سان دل جون ڳالهيون ڪريو! ۞ پنهنجون پريشانيون ڪين ٻڌايو! ۞ اهڙي طرح پنهنجن وڏڙن وٽ به ويهو! يقين ڪريو! اِها عادت اسان مان ختم ٿيندي پئي وڃي، خاص طور تي اڄ جي نئين نسل يعني (Gen Z) کي ته پنهنجا وڏا سمجهه ۾ ئي نه ٿا اچن. انهن جو ته پنهنجن وڏڙن وٽِ ويهڻ جو ذهن ئي نه ٻڌندو آهي.

اڄ جا نوجوان ڇا ڪري رهيا آهن؟ سندن زندگيءَ ۾ بيچيني وڌي رهي آهي، مسئلا پيدا ٿي رهيا هوندا آهن، تہ پوءِ ڇا ڪندا آهن ۞ پنهنجون ڳالهيون A.I سان شيئر (Share) ڪندا آهن، ان کان حل پڇندا آهن تہ مان ڇا ڪريان؟ مان هڪ احتياط جي ڳالهہ اوهان کي عرض ڪريان تہ پنهنجي ذاتي معلومات (Personal information) ڪڏهن بہ A.I سان شيئر نہ ڪريو! اِها هڪ مشين آهي. اسان جي ڳالهين ۽ اسان جي معلومات جو غلط استعمال (Misuse) ٿي سگهي ٿو. هُونئن بہ A.I هڪ مشين آهي، ان کي اسان وانگر دنيا جي اندر معاشري ۾ رهي زندگي نہ گذارڻي آهي. A.I وٽ معلومات (Knowledge) تہ ٿي سگهي ٿي، پر ان کي تجربو نہ آهي. تنهنڪري پنهنجي حالت ان سان شيئر ڪرڻ بدران وڌڻ جي خدمت ۾ ويهڻ گهرجي ۞ اهڙي طرح ڪجهہ نادان جڏهن بيچين ٿيندا آهن تہ معاذالله! شراب جو سهارو ونندا آهن. اِهو سخت ترين گناهہ، حرام ۽ جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي. اِن سان بيچيني دور تہ ڇا ٿيندي ...؟ بلڪ اُها اڃان وڌيڪ وبالِ جان بڻجي ويندي.

تنهنڪري وڌڻ وٽ ويهو، انهن جون ڳالهيون ٻڌو ۽ سندن تجربن مان فائدو حاصل ڪريو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! زندگيءَ ۾ سڪون اچي ويندو.

مَزارُن تي حاضري ڏيو!

هڪ مشورو عرض ڪريان تہ ڪنهن وَلِيُّ الله، جيڪو واقعي وَلِيُّ الله هجي، جنهن ڏانهن اوهان جي دل وڌيڪ مائل ٿيندي هجي، ان جي مزارِ پاڪ تي حاضري ڏيڻ جي پڪي عادت بڻائي ڇڏيو! يقين ڪريو! دل ۾ اهڙو سڪون پيدا ٿيندو، جو چا ڳالهہ ڪجي! اسان جا بزرگانِ دين ۽ الله پاڪ جا نيڪ بانها، ائين ڪندا هئا ۞ حضرت خطيب بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنجين صدي هجريءَ جا بزرگ ۽ تمام وڏا مُحَدِث آهن. پاڻ لکن ٿا تہ 70 سالن تائين مسلسل حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار پاڪ جو تجربو ڪيو ويو، ان عرصي

دوران جيڪو ب پريشان حال سندن مزار تي آيو، الله پاڪ ان جي پريشاني دور فرمائي ڇڏي.[1] ﴿۞﴾ حضرت ابوعلي خَلّال رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته جڏهن ب مون کي ڪا پريشاني يا غم پيش آيو، ته مان حضرت موسيٰ بن جعفر رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي مزار پاڪ تي حاضري ڏني ۽ سندن وسيلو پيش ڪيو، ان جي برڪت سان منهنجي پريشاني دور ٿي وئي.[2] ﴿۞﴾ امام ابن حبان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا امام ٿي گذريا آهن، پاڻ فرمائن ٿا ته جڏهن ب مون کي ڪا سخت تڪليف پيش آئي، ته مان حضرت امام علي بن موسيٰ ڪاظم رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي مزار پاڪ تي حاضري ڏني ۽ الله پاڪ منهنجي اُها تڪليف دور فرمائي ڇڏي.[3]

جيڪڏهن اهڙا واقعا ۽ روايتون گڏ ڪيون وڃن ته هڪ مڪمل ڪتاب تيار ٿي ويندو. توهان ڏسو ته الله وارن جو انداز ڪهڙو هو. تنهنڪري اسان کي ب گهرجي ته ان تي عمل ڪريون. دل بيچين هجي، پريشان هجي يا ڪنهن ب گهڙي سُڪون نه ملي رهيو هجي، ته الله وارن جي مزارن تي حاضري ڏيون! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيم! سُڪون ملي ويندو.

(3): تقدير تي راضي رهو!

پيارا اسلامي پائرو! اسان حضرت زينب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جو واقعو ٻڌو. سندن شهزادي جي زندگيءَ جو آخري وقت هو، دل بيچين هئي، پريشاني هئي، پاڻ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پيغام موڪليائون. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب ۾ ڇا فرمايو؟ ڪيڏا نه خوبصورت الفاظ آهن:

اِنَّ لِلّٰهِ مَا اَخَذَ، وَلَهٗ مَا اَعْطٰى وَكُلٌّ عِنْدَهٗ بِاَجَلٍ مُّسَمًّى فَلْتَصْبِرْ وَلْتَحْتَسِبْ

ترجمو: بيشڪ جيڪو الله پاڪ ونيِ ڇڏيو، اُهو ب الله پاڪ جو آهي ۽ جيڪو الله پاڪ عطا ڪيو، اهو ب الله پاڪ جو ئي آهي،ان وٽ هر هڪ جو

---

[1] تاريخ بغداد، باب ما ذكر فى مقابر...الخ،جلد:1، صفحه:135۔
[2] تاريخ بغداد، باب ما ذكر فى مقابر...الخ،جلد:1، صفحه:133۔
[3] الثقات لابن حبان، باب العين، جلد:8، صفحه:457۔

خاص وقت مقرر آهي، تنهنڪري صبر ڪر ۽ ثواب جي اميد رک...!![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ جيڪا ڳالهه آهي، يقين ڪريو! اِها اسان جي بيچينين جو بنيادي عِلاج آهي.

بيچينيءَ جي حقيقت

بيچيني (*Restlessness*) اصل ۾ ڇا آهي؟ جيڪڏهن گهَري نظر سان ڏسجي تہ تقدير ۽ ٻانهي جي خواهش ۾ فرق پيدا ٿيڻ جو نتيجو بيچيني هوندو آهي.

۞ ٻانهو چاهيندو آهي تہ مان امير ٿي وڃان، پر سندس تقدير ۾ غربت لکيل آهي تہ هو بيچين ٿي ويندو آهي ۞ ٻانهو چاهيندو آهي تہ مون کي ڪاميابي ملي، پر سندس تقدير ۾ ناڪامي لکيل آهي، تہ هو بيچين ٿي ويندوآهي ۞ ٻانهو چاهيندو آهي تہ مون کي اولاد ملي، پر تقدير ۾ بي اولادي لکيل آهي ۞ بين جي طرزِ زندگي (*Lifestyle*) ڏسي بيچين ٿيندا آهن تہ مون وٽ اِهي سڀ شيون نہ آهن ۞ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کان بيزار هوندا آهن ۞ مهانگائيءَ جي ڪري بيچين ٿي رهيا هوندا آهن ۞ روزگار جي ڪري بيچين هوندا آهن ۞ هَرُوپَرُو مستقبل جي باري ۾ سوچي سوچي بيچين ٿيندا رهندا آهن تہ هاءِ! منهنجي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ منهنجو پوڙهائپ وارو وقت ڪيئن گذرندو؟ ۞ پنهنجي مرضيءَ جا نتيجا اُهي بہ فوراً حاصل ڪرڻ جي جلدي هوندي اٿن، ان جلديءَ سبب بيچين ٿي رهيا هوندا آهن. مطلب تہ جڏهن الله پاڪ جي مرضي ۽ ٻانهي جي مرضيءَ ۾ فرق اچي ويندو آهي، تڏهن ماڻهو بيچين ٿي ويندو آهي.

تنهنڪري اسان جي زندگين ۾ ڦهليل بيچينين جو سڀ کان آسان حل اِهو ئي آهي تہ اسان الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهون. هُن جيڪو ڪجهه اسان کي ڏنو آهي، جيترو ڏنو آهي، جيئن رکيو آهي ۽ جتي رکيو آهي، ان کي دل سان تسليم ڪريون، تہ دل کي سڪون حاصل ٿي ويندو.

---

[1] بخاری، کتاب الجنائز، باب قول النبی صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم یعذب...الخ ، صفحہ:364، حدیث:1284۔

تقدير هڪ سهارو آهي

مان اوهان کي هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌايان ٿو اسان جي تقدير اسان جو بهترين سهارو آهي. هونئن ته تقدير الله پاڪ جو ڪم آهي، ان ۾ نه اسان جو ڪو دخل آهي ۽ نه ئي اسان ان ۾ دخل ڏئي سگهون ٿا ۽ اسان کي ان جي متعلق سوچڻ به نه گهرجي.

هڪ مثال عرض ڪريان ٿو ڇا اوهان ڪڏهن ڪو ڊاڪٽر ان ڳالهه تي پريشان ڏٺو آهي ته مون کي ڪرسي ناهڻ نه ٿي اچي؟ يقيناً نه ڏٺو هوندو ۾ ڪو ڊڪٽ (Carpenter) ان ڳالهه تي پريشان ٿي رهيو هجي ته زندگي گذري وئي، پر اجان تائين سُئي (Injection) هڻڻ نه سکي سگهيس؟ يقيناً نه ڏٺو هوندو. مطلب ته جنهن جو جيڪو ڪم هوندو آهي، اهو ئي ان کي ڪرڻو هوندو آهي. ٻيو نه ان ۾ دخل ڏئي سگهي ٿو ۽ نه ئي اهو ڪم ڪري سگهي ٿو. تقدير جو فيصلو **الله پاڪ** جي اختيار ۾ آهي، اسان جي ته ان ۾ ڪا به مرضي نه ٿي هلي سگهي. اسان ته ٻانها آهيون اسان کي تقدير جي معاملي ۾ دخل ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. الله پاڪ تقدير ڇو لکي؟ منهنجي تقدير اهڙي ڇو لکي وئي؟ وغيره، اسان ڇو سوچون؟ ڪهڙي سبب جي ڪري سوچون؟ اسان ته ٻانها آهيون، ٻانها ئي ٿي رهنداسين. ها! تقدير بابت هڪ ڳالهه آهي، جيڪا اسان سان تعلق رکي ٿي. اها ڪهڙي آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

لِكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَ لَا تَفْرَحُوْا بِمَاۤ اٰتٰىكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِ ۙ(۲۳)

(پارو: 27، سورة الحديد: 23)

ترجموڪنزالعرفان: ته جيئن توهان ان تي غم نه ڪيو جيڪا توهان کان ويندي رهي ۽ نه ان تي وڏائي ڪيو جيڪا توهان کي الله ڏني آهي ۽ الله هر متڪبر، وڏائي ڪرڻ وارن کي ناپسند ڪندو آهي.

الله پاڪ تقدير لکي، ان جي هڪ حڪمت بيان ٿي رهي آهي. فرمايو ويو: سڀ ڪجهه اڳواٽ ئي تقدير ۾ ان لاءِ لکيو ويو آهي، ته جيئن جڏهن اوهان کي ڪا شيءِ ملي ته ان تي فخر ۽ غرور ۾ مبتلا نه ٿي وجو ۽ جڏهن ڪا شيءِ اوهان کان هلي وڃي ته ان تي مايوس نه ٿيو.

جڏهن ڪا شيءِ ملندي ته شڪر ڪندا سين ۽ چوندا سين ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڪمال آهي؟ الله پاڪ منهنجي تقدير ۾ اها نعمت لکي هئي، تنهنڪري مون کي ملي وئي ۽ جڏهن ڪا شيءِ کسجي وڃي، ڪا نعمت جيڪا اسان چاهيون پيا ته ملي، پر اها نه ملي، يا ڪنهن ڳالهه ۾ محرومي ٿي وئي ۞ ڪنهن جا والدين 100 سالن تائين زنده رهندا آهن ۽ ڪو ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويندو آهي ۞ ڪو امير آهي ته ڪو غريب آهي ۞ ڪنهن وٽ وڏو عهدو آهي ته ڪنهن وٽ نه آهي ۞ ڪو تمام گهٽو مشهور آهي ته ڪو بلڪل گمنام آهي. اِها الله پاڪ جي تقسيم آهي، پوءِ انهن ڳالهين تي بيچين ٿيڻ، ڊپريشن جو شڪار ٿيڻ يا مايوس ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ بس اِهو ئي چوندا سين ته:

اِنَّ لِلّٰهِ مَا اَخَذَ، وَلَهُ مَا اَعْطٰى

ترجمو: بيشڪ جيڪو الله پاڪ واپس ورتو، اهو به الله جو آهي ۽ جيڪو الله پاڪ عطا ڪيو، اهو به ان جو آهي.[1]

تنهنڪري الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ وارا بڻجي وڃو! يقين ڪريو! زندگي پرسڪون بڻجي ويندي.

ٿيندو اُهوئي، جيڪو خدا چاهيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ تمام پياري روايت ٻڌو، دل کي سڪون اچي ويندو. امام محمد غزالي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي ڪتاب **احياءُ العلوم** ۾ لکن ٿا ته الله پاڪ پنهنجي نبي حضرت داؤد علیہ السلام ڏانهن وحي موڪلي ۽ فرمايو:

[1] بخاری، کتاب الجنائز، باب قول النبی صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم یعذب...الخ ، صفحہ:364، حدیث:1284۔

يَا دَاوٗدُ اِنَّكَ تُرِيْدُ وَاُرِيْدُ

ترجمو: اي داؤد ....! هڪ تنهنجي چاهت آهي، هڪ منهنجي چاهت آهي.

وَاِنَّمَا يَكُوْنُ مَا اُرِيْدُ

ترجمو: بيشڪ ٿيندو اُهو ئي، جيڪا منهنجي چاهت آهي.

فَاِنْ سَلَّمْتَ لِمَا اُرِيْدُ كَفَيْتُكَ مَا تُرِيْدُ

ترجمو: جيڪڏهن تون دل سان منهنجي چاهت کي قبول ڪندين تہ مان تنهنجي چاهت پوري ڪرڻ لاءِ بہ ڪافي آهيان

وَاِنْ لَمْ تُسَلِّمْ لِمَا اُرِيْدُ اَتْعَبْتُكَ فِيْمَا تُرِيْدُ، ثُمَّ لَا يَكُوْنُ اِلَّا مَا اُرِيْدُ

ترجمو: جيڪڏهن تون منهنجي چاهت کي تسليم نہ ڪندين تہ مان توکي تنهنجي چاهت پوري ڪرڻ ۾ ٿڪائي ڇڏيندس، پوءِ آخرڪار ٿيندو اُهو ئي، جيڪا منهنجي چاهت آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! چڱيءَ طرح غور ڪريو! هيءَ دنيا الله پاڪ جي آهي، اُهو ئي هِن جو مالڪ آهي. هتي جيڪو ڪجهہ بہ ٿيڻو آهي، اهو سندس ئي مرضيءَ سان ٿيڻو آهي. پوءِ اسان کي پريشاني ڪڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ بس الله پاڪ جي مرضيءَ تي راضي ٿي وڃو! هن نيڪ عمل جي برڪت سان اسان جي خواهشن ۽ تمنائن تي بہ الله پاڪ جي نظرِ ڪرم ٿي ويندي.

بيچينيءَ جو سبب: معلومات جي ڪثرت

پيارا اسلامي ڀائرو! معاشري ۾ وڌندڙ بيچينيءَ جو هڪ ٻيو بہ سبب آهي. شايد توهان کي هي ٻڌي حيراني ٿئي تہ اهو سبب **معلومات جي ڪثرت** (*A lot of information*) آهي. مان علمِ دين جي ڪثرت جي ڳالهہ نہ پيو ڪريان، پر معلومات جي ڪثرت جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. اسان وٽ سوشل ميڊيا

[1] احياء العلوم، كتاب المحبة والشوق...الخ، القول فى معنى الرضا...الخ، جلد:4، صفحہ:420۔

تمام گھٹي عام ٿي چڪي آهي. دنيا جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪا ڳالھ ٿئي ٿي تہ چند منٽن ۾ بي ڪنڊ تائين پھچي وڃي ٿي ۞ هڪ رِيل (Reel) ڏٺي سين، ان ۾ چند سيڪنڈ لڳا، پر اها رِيل اسان جي دماغ تي هڪ اثر ڇڏي وئي ۞ اهڙي طرح جيڪڏھن هزارين ريلز ڏسنداسين تہ اُهي اسان جي دماغ تي هزارين اثر ڇڏيندیون ۞ ڪا خبر پڑھي سين تہ دنيا ۾ هي سڀ ڪجھ ٿي رهيو آهي پوءِ اها خبر پنھنجن دوستن سان شيئر ڪنداسين، دوستن جي محفل ۾ ان تي تبصرا ڪنداسين، اهڙي طرح اسان جي پڑھيل يا ٻڌل هڪ ئي خبر ڪيترائي ڀيرا اسان جي دماغ ۾ قِرندي رهندي آهي ۞ اهڙيءَ طرح اڄ بہ ماڻھو اخبار پڑھندا آهن ۞ ڪيترائي ماڻھو لڳاتار خبرون ڏسندا آهن جيسيتائين سڄي دنيا جون خبرون ٻڌي يا ڏسي نہ ونڻ، تيسيتائين کين آرام ئي نہ ايندو آهي، پوءِ اسان جون پاڻ ۾ ٽيندڙ ڪچھريون ڏسو! ۞ دوست پاڻ ۾ ملڻ سان ئي گفتگو جو آغاز ئي هن طرح ڪندا آهن: ها يار! ڀلا ٻڌاءِ تہ فلاڻي جو ڇا ٽيو؟ ۞ اسان جو آفيسر اڃڪلھ ڇا ڪري رهيو آهي؟ ۞ يار! فلاڻي تنظيم هينئن ڪري رهي آهي ۞ خبر اٿئي، فلاڻي ڪھڙو ڪارنامو ڪيو آهي؟ ۞ ڪجھ ماڻھو پرائيويٽ رپورٽر(Private Reporter) هوندا آهن، سڄي شهر ۾ اڄ ڇا ڇا ٽيو آهي، ڇا ڇا ٽيڻ وارو آهي، ڪير ڇا ڪري رهيو آهي ۽ ڪير ڪھڑي حالت ۾ آهي؟ اِهي سموريون خبرون کين هونديون آهن.

توهان پاڻ ڏسو! ايتريون ساريون خبرون ۽ ايتري ساري معلومات هر وقت اسان جي دماغ ۾ موجود هوندي آهي. مان خوش طبعيءَ جي طور تي عرض ڪري رهيو آهيان تہ اسان وٽ ايتري تہ معلومات گڏ ٿي چڪي آهي، جو اسان جي دماغ جي ميموري (Memory)جڻ تہ پرجي چڪي آهي.

توهان کي خبر آهي نہ، جڏهن ميموري فل ٿي ويندي آهي تہ ڇا ٽيندو آهي؟ مثال طور، اسان جي موبائل جي ميموري فل ٿي وڃي تہ موبائل هينگ (Hang) ٽيڻ لڳندو آهي، ان جي رفتار گھٽجي ويندي آهي ، هاڻي توهان

سوچيو تہ جڏهن اسان پنهنجي ننڍڙي دماغ ۾ لکين قسمن جي معلومات پري ڇڏي آهي، تہ پوءِ اسان جي دماغ جو کهڙو حال ٿيندو....؟ دماغ تہ هينگ ٿي ئي ويندو! بس پوءِ هر وقت مايوسي، بيچيني، پريشاني ۽ دل ۾ ابتا سبتا خيال پيدا ٿيندا رهندا.

يقين ڪريو! جيڪڏهن توهان سکون چاهيو ٿا تہ **معلومات جي چونڊ (Selection)** ڪرڻ شروع ڪريو. هر اُها ڳالهہ، جيڪا اوهان جي فائدي جي آهي ۽ دنيا يا آخرت ۾ اوهان کي فائدو ڏيندي،ان کي حاصل ڪريو ۽ جيڪا معلومات نہ دنيا ۾ فائدو ڏئي ۽ نہ ئي آخرت ۾، اهڙي معلومات تي مڪمل پابندي لڳائي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰہ الْکَرِیم ! اوهان جي زندگي پرسکون ٿي ويندي. ڪڏهن تجربي طور پنهنجو موبائل بند ڪري، پراڻو بٽڻ وارو موبائل، جيڪو اڳ ۾ استعمال ٿيندو هو، ان ۾ سِم وجهي ڏسو، ٻہ چار ڏينهن ان سان گڏ گذاريو! توهان ڏسندؤ تہ زندگيءَ جون اڌ پريشانيون ختم ٿي ويندیون.

دل کي پاڪ رکڻ جي تعليم

حديث پاڪ ۾ آهي تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪو ٻہ شخص مون تائين ڪنهن ٻئي جي ڳالهہ نہ پهچائي! بيشڪ مان چاهيان ٿو تہ توهان وٽ اچان تہ صاف سينو ڪٽي اچان....!![1]

هي ارشاد اسان کي سيکارڻ لاءِ فرمايو ويو آهي، نہ تہ محبوب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تہ اهي آهن، جيڪي هن سموري دنيا ۾، ان جي هر هڪ ڪنڊ ۾، قيامت تائين جيڪو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، ڪير ڪٽي آهي؟ ڇا ڪري رهيو آهي؟ ڪنهن سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي؟ ڇا ڳالهائي رهيو آهي؟ اِهو سڀ ڪجهہ اڳواٽ ئي ڄاڻڻ ٿا. ڪو ٻڌائي تڏهن ٻہ ڄاڻن ٿا ۽ ڪو نہ ٻڌائي تڏهن ٻہ الله پاڪ جي عطا سان ڄاڻن ٿا. تنهنڪري اسان جي تعليم لاءِ اها ڳالهہ فرمائي وئي. ڇا سمجهايائون تہ؟ اُهي ڳالهيون جيڪي اوهان کان لکيل

[1] ابو داؤد، کتاب الادب، باب فی رفع الحدیث من المجلس، صفحہ:762-763، حدیث:4860۔

آهن، انهن کي نہ ٻڌندا ڪيو! ڪنهن چا چيو؟ ڪنهن چا ڪيو؟ ڪير ڪهڙا عمل ڪري رهيو آهي؟ ڪير ڪهڙي طبيعت جو ماڻهو آهي؟

ٻنهي طرفن جي نصيحت فرمائي وئي آهي تہ ۞ جيڪي ماڻهو ٻين تائين اهڙيون ڳالهيون پهچائيندا رهندا آهن. انهن کي گهرجي تہ ائين نہ ڪن. جيڪڏهن ڪنهن جو راز معلوم ٿي ئي ويو آهي تہ ان تي پردو وجهن ۞ ٻڌڻ وارن لاءِ بہ نصيحت آهي تہ اهي اهڙيون ڳالهيون نہ ٻڌن. اسان ٻلي ڪيڏي بہ پاڪ دل وارا هجون، ظاهر آهي تہ جڏهن ڪنهن جي باري ۾ ڪا ڳالهہ اسان تائين پهچندي، مثال طور ڪنهن چيو تہ اوهان فلاڻي کي سڃاڻو ٿا؟ اهو شراب پي رهيو هو تہ هاڻي ان شخص بابت دل ۾ ميرُ تہ پيدا ٿيندو، تنهنڪري ماڻهن جي لکيل ڳالهين جي باري ۾ نہ جستجو ڪرڻي آهي ۽ نہ ئي خوامخواهہ معلومات گڏ ڪرڻي آهي، جو تہ ان سان دل مشغول ٿيندي آهي، دل ۾ خيال پيدا ٿيندا آهن ۽ بغير ڪنهن سبب جي بيچيني وڌندي آهي.

امام بخاري رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ جون 3 خاص عادتون

امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ جيڪي تمام وڏا مُحَدّث ۽ ڪامل ولي ٿي گذريا آهن. انهن جون ٽي نهايت ئي پياريون عادتون هيون:

(1): كَانَ قَلِيْلُ الْكَلَامِ گهٽ ڳالهائيندا هئا (2): كَانَ لَايَطْمَعُ فِيْمَا عِنْدَ النَّاسِ ماڻهن وٽ جيڪو ڪجهہ هوندو هو، ان ۾ لالچ نہ رکندا هئا (3): كَانَ لَايَشْتَغِلُ بِاُمُوْرِ النَّاسِ ماڻهن جي معاملن ۾ دخل اندازي نہ ڪندا هئا.[1]

پنهنجي ڪَمَ سان ڪَمُ رکو

سُبْحٰنَ اللہ! ڪيڏو نہ پيارو انداز آهي، امام بخاري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندا هئا. بدقسمتيءَ سان اڄ اسان جي اڪثريت ان پاڪيزه وصف کان محروم آهي ۞ ڊاڪٽر نہ هوندي بہ مريضن کي دوائن جا نسخا ٻڌائڻ

[1] بدايةُ السّارِي، صفحہ:76۔

۞ بنا پڇڻ جي مشورا ڏيڻ ۞ ڪنهن جي گهر وڃڻ ٿئي تہ گهر جي عمارت، گهر جي سامان ۽ گهر جي ترتيب ۾ شرعي اجازت کان سواءِ عيب ڪيڻ، مثال طور هينئن چوڻ تہ توهان گهر هن طرح ناهيو آهي، جيڪڏهن هتان هن طرح ناهيو ها تہ وڌيڪ سنو لڳي ها، هيءَ ٽيبل هِتي رکي اَتوَ، هُتي رکو ها تہ وڌيڪ سنو لڳي ها، وغيره وغيره ۞ اهڙيءَ طرح چار دوست گڏجي ويهندا آهن تہ حڪومتن جي معاملن تي تبصرا ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن تہ فلاڻي حڪمران کي هينئن نہ، پر هينئن ڪرڻ گهرجي ها، فلاڻي صاحب هي بيان ڏنو آهي، ان کي هِي بيان ڏيڻ گهرجي ها، پوءِ ان سلسلي ۾ غيبتن ۽ بهتانن جو جيڪو گناهن پريو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، اَلْاَمَانْ وَالْحَفِيْظ....!!

۞ اهڙي طرح ملکي ۽ غير ملکي حالتن ۾ اجائي دلچسپي ونڻ ۞ ماڻهن جا عيب تلاش ڪرڻ ۞ ماڻهن جي ذاتي معاملن ۾ دلچسپي ونڻ ۞ ٻين کان سندن ذاتي زندگيءَ بابت سوال ڪرڻ وغيره، اِهي سڀ ٻين جي معاملن ۾ اجايو دخل اندازيءَ جا مثال آهن.

ياد رکو! ڪاميابي هميشہ ان شخص جا قدم چمندي آهي، جيڪو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي، صرف ڪرڻ وارا ڪم ڪندو آهي ۽ نہ ڪرڻ وارن ڪَمَن کان هميشہ بچندو رهندو آهي.

ڪرڻ وارو هڪ اهم ڪَمُ

اللہ پاڪ اسان کي بہ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اڄ ئي ڪوشش ڪري پنهنجي چوڌاري هڪ لڪِير ڪيو يعني پنهنجو هڪ دائرو مقرر ڪري ڇڏيو! اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ ۞ مون کي چا ٻُڌڻو آهي ۽ چا نہ ٻُڌڻو آهي ۞ چا ڏسڻو آهي ۽ چا نہ ڏسڻو آهي ۞ چا ڳالهائڻو آهي ۽ چا نہ ڳالهائڻو آهي ۞ سوشل ميڊيا تي ڪهڙي قسم جو مواد ڏسڻو آهي ۽ ڪهڙي قسم جو نہ ڏسڻو آهي، ڪنهن جو اسٽيٽس (Status) ڏسڻ ۾ حرج نہ آهي ۽ ڪنهن جو اسٽيٽس (Status) نہ ڏسندس. اِهو اسان مان هر ڪنهن جو هڪ طئي ٿيل اصول هئڻ گهرجي ۞ اهڙي طرح واٽس ايپ

(*WhatsApp*) تي ماڻهو جڏهن گروپ ناهيندا آهن تہ عام طور اجازت ب نہ ونندا آهن، اسان جو نمبر ب گروپ ۾ شامل ڪري ڇڏيندا آهن، هاڻي خبر ناهي تہ اهي ڪهڙي قسم جا گروپ آهن ۽ انهن ۾ ڪهڙي قسم جو مواد (*Content*) شيئر ڪيو ويندو. ۞ واٽس ايپ ۾ **آرڪائيو** (*Archive*) جو آپشن هوندو آهي، جيڪڏهن اوهان کي ان جي باري ۾ ڄاڻ نہ آهي تہ ڪنهن کان سکي ونو! اوهان جي واٽس ايپ ۾ جيترا ب گروپ آهن، جن جي اوهان کي ضرورت پئجي سگهي ٿي، پر اوهان انهن ۾ سرگرم رهڻ نہ ٿا چاهيو تہ انهن گروپن کي آرڪائيو ۾ وجهي ڇڏيو ۽ هر اهو گروپ، جنهن ۾ اوهان جي ڪم جي معلومات شيئر نہ ٿي ٿئي يا جنهن ۾ رڳو اجايون ۽ فضول ڳالهيون شيئر ڪيون وڃن ٿيون، انهن کي ڊليٽ (*Delete*) ڪري ڇڏيو! ان جي برڪت سان ب اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! زندگي ڪنهن حد تائين پرسڪون ٿي ويندي.

بي مقصد زندگيءَ کان بچو!

پيارا اسلامي پائرو! اسان جي بيچينين جو هڪ وڏو سبب **بي معنويت** ب آهي، *Meaningless Life* يعني زندگيءَ ۾ ڪو وڏو مقصد ئي موجود نہ آهي.

هي ب اڄ جي دور جو هڪ تمام وڏو مسئلو آهي. زندگين ۾ بي مقصديت تمام گهڻي وڌي رهي آهي. اسان هن دنيا ۾ آيا آهيون ۽ هڪ وقت هتان هليا ب ويندا سين. ان وچ واري عرصي ۾ اسان کي ڪرڻو ڇا آهي؟ اهو ڪهڙو وڏو ڪارنامو آهي، جيڪو اسان هن دنيا ۾ ڪري ويندا سين؟ اسان وٽ ان جو ڪو منصوبو (*Plan*) ئي نہ هوندو آهي ۞ توهان نوجوانن کان پڇي ڏسو تہ اوهان هن دنيا ۾ ڪهڙو وڏو ڪم ڪرڻ چاهيو ٿا؟ عام طور اوهان کي اهڙا جواب ملندا: ۞ مان وڏو واپاري بڻجڻ چاهيان ٿو ۞ ڪو چوندو تہ مان عاليشان بنگلو ناهڻ چاهيان ٿو ۞ ڪو چوندو تہ مان مالدار ٿيڻ چاهيان ٿو ۞ ڪو چوندو تہ بس هڪ ئي خواب آهي تہ ڪنهن طرح فلاڻي ملڪ پهچي وڃان ۽ اتي مستقل رهائش اختيار ڪري ونان ۞ ڪيترا

تہ توهان کي اهڙا ملندا، جن وٽ کو خاص مقصد ئي نہ هوندو آهي، بس ڏينهن ٽيندي ئي کمائڻ لاءِ نڪري پوندا آهن ۽ رات ٽيندي آهي تہ گهر اچي سمهي پوندا آهن.

هي مان اڪثريت جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. اسان جي دور ۾ اڪثريت جو حال اهڙو ئي آهي. اسان جي سامهون کو وڏو مقصد نہ هوندو آهي. جيڪڏهن کو وڏو مقصد هوندو بہ آهي تہ اهو صرف دنيا جي حد تائين محدود هوندو آهي. اسان کو اهڙو اعليٰ ڪم ڪري دنيا مان وڃڻ ئي نہ چاهيندا آهيون، جنهن جي ڪري اسان جي وڃڻ کان پوءِ بہ ماڻهو اسان کي سٺن لفظن ۾ ياد ڪندا رهن.

توهان کي خبر آهي تہ ان جو نقصان ڪهڙو آهي؟ جڏهن زندگيءَ جو کو رخ ئي مقرر نہ هجي تہ نتيجي ۾ زندگي وکريل ٿي ويندي آهي. ائين سمجهو تہ هڪ بس چونڪ تي بيٺي آهي. هاڻي ان کي معلوم ئي نہ آهي تہ ڪهڙي طرف وڃڻو آهي. پوءِ ڇا ٽيندو؟ يا تہ ڊرائيور بس کي گول گول ڦيرائيندو رهندو، تان جو آخرڪار پيٽرول ختم ٿي ويندو، يا وري اتي ئي بيٺو سوچيندو رهندو. اهڙيءَ طرح بي مقصد ۽ بي معنيٰ زندگي گذاريندڙ شخص، زندگي تہ ڪاٽي ويندو، پر سندس صلاحيتون، وقت ۽ وسيلا سڀ جا سڀ ضايع ٿي ويندا.

قيدين جو مثال

غير مسلم ملڪن جو هڪ مثال آهي تہ ڪنهن غير مسلم ملڪ ۾ هڪ جيل ناهيو ويو. هيءَ مان اوهان کي سچي ڳالهہ ٻڌائي رهيو آهيان. ان جيل ۾ انتهائي سخت سزائون ڏنيون ويندیون هيون. اهڙيون سخت سزائون جو ماڻهو جيئڻ بدران مرڻ جي خواهش ڪرڻ لڳندا هئا ۽ ان جيل مان نڪرڻ جو بہ کو رستو نہ هو. معالو ڪجهہ هينئن ٿيو جو ان جيل ۾ ڪنهن وجهہ سان هڪ ماهرِ نفسيات بہ اچي ويو.

هاڻي ڊاڪٽر ته هر جاءِ تي ڊاڪٽر ئي هوندو آهي ۽ مبلغ هر هنڌ مبلغ ئي هوندو آهي. ان ماهرِ نفسيات جيل جي اندر ئي ماڻهن جي نفسيات کي پرکڻ شروع ڪيو. هن ڏٺو ته ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي قيد ۾ رهندي، انتهائي سخت سزائون پوڳيندي به پرسڪون آهن، جڏهن ته ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي قيد جي حالت کي برداشت نه ڪري سگهن ۽ زندگيءَ کان مايوس ٿي چڪا آهن. ان ماهرِ نفسيات هنن ٻنهي قسمن جي قيدين جي پيٽ ڪئي ۽ ڪيترن ئي سالن تائين هُو ان تي تحقيق ڪندو رهيو. آخرڪار جڏهن اهو ماهرِ نفسيات جيل کان ٻاهر آيو ته هن پنهنجي تحقيق بابت هڪ ڪتاب لکيو. ان ڪتاب ۾ هن اهو نتيجو ڪڍيو ته جنهن شخص وٽ ڪا اميد هوندي آهي، جنهن جو ڪو خاص مِشن هوندو آهي، اهو انتهائي سخت حالتن ۾ به پرسڪون رهي پنهنجي زندگيءَ کي سنياليِ (*Manage*) وٺندو آهي، جڏهن ته جنهن وٽ ڪا اميد ۽ ڪو مِشن نه هوندو آهي، اهو ننڍين ننڍين پريشانين اڳيان به همت هاري ويهندو آهي.

معلوم ٿيو ته زندگيءَ ۾ ڪو وڏو مقصد نه هڻڻ به بيچيني ۽ بي سڪونيءَ جو هڪ تمام وڏو سبب آهي.

مقصد ڪهڙو هجڻ گهرجي...؟

هاڻي سوال اهو آهي ته زندگيءَ جو مقصد ته اختيار ڪرڻو آهي، پر اهو ڪهڙو هڻڻ گهرجي؟ ان جي باري ۾ ڪجهه روايتون ٻڌو!

مشهور ولي الله حضرت مالڪ بن دينار رحمۃُ اللّٰہِ علیہ فرمائن ٿا:

مَا يَنْبَغِيْ لِلْمُؤْمِنِ اَنْ يَّكُوْنَ بَطْنُهٗ اَكْثَرَ هَمِّهٖ

ترجمو: مؤمن جي لاءِ اِهو جائز نه آهي ته سندس پيٽ ان جو محور ۽ مرڪز هجي.[1] (يعني هُو هر وقت صرف پنهنجي پيٽ جي ئي فڪر ۾ لڳل رهي)

حضرت معاويه اسود رحمۃُ اللّٰہِ علیہ فرمائن ٿا:

[1] موسوعه ابن ابی دنیا، کتاب الجوع، جلد:4، صفحه:96، حدیث:105۔

مَنْ كَانَتِ الدُّنْيَا اَكْبَرَ هَمِّهِ طَالَ غَدًا فِي الْقِيَامَةِ غَمُّهٗ

يعني جنهن جو سڀ کان وڏو فڪر صرف دنيا هجي، آخرت ۾ ان جو غم طويل ٿي ويندو.[1]

الله اڪبر! معلوم ٿيو تہ اسان کي پنهنجي زندگيءَ جو ڪو مقصد ضرور بڻائڻو آهي، پر اهو مقصد دنيا نہ هجڻ گهرجي، هتان جا بنگلا، ڪوٺيون، مال ۽ دولت، بئنڪ بيلنس وغيره نہ هئڻ گهرجي، پر ڪو سٺو مقصد اختيار ڪرڻ گهرجي، مثال طور: ۞ مان الله پاڪ جو نيڪ ٻانهو بڻجندس ۞ مان قرآن ڪريم جو حافظ ۽ عالم بڻجندس ۞ مان پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جو عالِم، عامل ۽ مبلغ بڻجندس ۞ ۽ هڪ تمام سهڻو مقصد عرض ڪريان ٿو ڪاش! اسان سڀ پنهنجي زندگيءَ جو هي مقصد بڻائي وٺون تہ:

مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

مَيں مُبَلِّغ بنوں سنّتوں کا، خوب چرچا کروں سنّتوں کا

يا خدا! درس دوں سنّتوں کا، ہو کرم بہرِ خاکِ مدينہ (2)

ڀيٽَ ڪرڻ ڇڏي ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! بيچينيءَ کان بچڻ جو هڪ نهايت آسان نسخو هي بہ آهي تہ ٻين سان پنهنجي ڀيٽَ (*Comparison*) ڪرڻ ڇڏي ڏيو! ۞ فلاڻي وٽ ڪوٺي آهي، مان ڀڳل ٽٽل گهر ۾ رهان ٿو ۞ فلاڻو ڪارين ۾ گهمي رهيو آهي، مون وٽ سائيڪل بہ ناهي ۞ فلاڻي وٽ مهانگي ترين موبائل آهي، مون وٽ سَستِي بہ نہ آهي. اهڙي قسم جي ٻين سان ڀيٽ نہ ڪريو. اڄڪلهہ

---

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب ذم الدنیا، جلد:5، صفحہ:138، حدیث:294۔

[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:189۔

اِها بيماري تمام گھٹي وڌي وئي آهي، ماڻهو سوشل ميڊيا ڏسندا آهن ۽ اتي جيڪو ڪجهه ڏيکاريو ويندو آهي، ان سان پنهنجي پيٽ ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن.

هيءَ ڳالهه چگي طرح ذهن نشين ڪري ڇڏيو ته ڪئميرا ۾ جيڪو ڪجهه ڏيکاريو ويندو آهي، حقيقت ۾ به ائين ئي هجي، اِهو ضروري ناهي. ڪيترائي ماڻهو جيڪي صرف وڊيو ناهڻ لاءِ سني سيٽنگ ڪندا آهن ❁ بس ڪئميرا جي دائري (*Range*) ۾ جيڪو حصو ايندو آهي، اتي ڪجهه سني سيٽنگ ڪري ڇڏيندا آهن❁هي جيڪي ڪونيون ۽ بنگلا وڊيوز ۾ نظر ايندا آهن، ضروري ناهي ته اُهي وڊيو ناهڻ وارن جا پنهنجا ئي هجن، ڪجهه ماڻهو وڊيو ناهڻ لاءِ ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ڪرائي تي وٺندا آهن ❁ پوءِ ڪير نه ٿو ڄاڻي ته وڊيوز ۾ فلٽر لڳايا ويندا آهن ۽ *A . I* جي ذريعي پسمنظر (*Backgroud*) تبديل ڪيا ويندا آهن.

تنهنڪري انهن سان پيٽ ڪرڻ جو ته ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. هونئن به اسان کي ڪنهن سان به پنهنجي پيٽ نه ڪرڻ گهرجي. اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ۙ

(پارو: 16، سورة طٰہٰ: 131)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اي پڌندڙ! اسان مخلوق جي مختلف ٽولن کي دنيا جي زندگي جي جيڪا تازگي فائدو ڪڙڻ جي لاءِ ڏني آهي ته جيئن اسان انهن کي ان بابت آزمايون پوءِ تون ان جي طرف پنهنجون اکيون نه ڦهلاءِ.

يعني ٻين ماڻهن کي جيڪو مال ۽ متاع عطا ڪيو ويو آهي، ان ڏانهن نظر ئي نه ڪٿو! ها! اللہ پاڪ جيڪو ڪجهه توهان کي عطا ڪيو آهي، ان کي ڏسو ۽ ان تي اللہ پاڪ جو شڪر ادا ڪريو!

هڪ نهايت پياري حديث پاڪ آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

اِذَا نَظَرَ اَحَدُكُمْ اِلٰى مَنْ فُضِّلَ عَلَيْهِ فِي الْمَالِ وَالْخَلْقِ، فَلْيَنْظُرْ اِلٰى مَنْ هُوَ اَسْفَلَ مِنْهُ

ترجمو: جڏهن توهان مان کو شخص مال و دولت ۽ شڪل و صورت ۾ پاڻ کان بهتر ڪنهن شخص کي ڏسي، تہ ان کي گهرجي تہ اهڙي شخص ڏانهن ڏسي، جيڪو انهن شين ۾ ڪانئس گهٽ آهي.[1]

سُبْحٰنَ اللهِ! ڪيڏو نہ پيارو نسخو آهي...!! ڪاش اسان هن نسخي کي اپنائڻ وارا بڻجي وڃون. اللہ پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فجر جي نماز نہ پڙهڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمان معاشري ۾ وڌندڙ بيچينيءَ جو هڪ اهم ترين سبب فجر جي نماز قضا ڪرڻ بہ آهي. هونئن تہ سيئي نمازون وقت تي ادا ڪرڻ لازمي آهي ۽ افسوس! اڄڪلهہ پنجن ئي نمازن ۾ سُستي وڌندي پئي وڃي. پر فجر جي نماز جي خاص فضيلت آهي. جيڪو شخص فجر جي نماز قضا ڪري ڇڏيندو آهي، ان جو سڄو ڏينهن فڪرن ۽ بيچينين جي وَر چڙهي سگهي ٿو. حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن توهان مان کو شخص سمهندو آهي تہ شيطان ان جي ڪنڌ جي پوئين حصي ۾ ٽي گڏيون ڏئي ڇڏيندو آهي، هر گڏ تي دل ۾ هيءَ ڳالهہ ويهاريندو آهي تہ اڃان رات پئي آهي، سمهي پئہ ❁ پوءِ جيڪڏهن هُو جاڳي اللہ پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي تہ هڪ گڏ کلي ويندي آهي ❁جڏهن وضو ڪندو آهي تہ بي گڏ کلي ويندي آهي ۽ جڏهن نماز پڙهندو آهي تہ ٽين گڏ بہ کلي ويندي آهي، پوءِ هُو خوش خوش ۽ تازو توانو ٿي صبح ڪندو آهي، بي صورت ۾ ڏکايل دل ۽ سستيءَ سان صبح ڪندو آهي.[2]

---

[1] بخاری، کتاب الرقاق، باب لینظر الی من هو اسفل منه...الخ، صفحه:1594، حدیث:6490۔

[2] بخاری، کتاب التَہَجّد ، باب عقد الشیطان...الخ، صفحه:331، حدیث:1142۔

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ ملا علي قاري رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا ته جيڪو غفلت جي ننڊ سمهيو پيو هوندو آهي، ايسيتائين جو سندس فجر جي نماز نڪري ويندي آهي ته اهو غمگين دل ۽ ڪيترن ئي فڪرن سان گڏ ۽ پنهنجا ڪم پورا ڪرڻ جي حوالي سان حيران ۽ پريشان ٿي صبح ڪندو آهي ۽ هُو جنهن به ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي، ان ۾ ناڪام رهندو آهي، جو ته هُو الله پاڪ جي قرب کان پري ٿي، شيطان جي ڏوڪي واري جار ۾ ڦاسي ڇڪو هوندو آهي.[1]

افسوس! هيءَ بيماري ته هاڻي تمام گهڻي عام ٿي چڪي آهي. ڇڳا پلا مذهبي شڪل صورت وارا، نمازن جا شوقين ٻيون نمازون پوريون پڙهڻ وارا ماڻهو به فجر جي نماز ۾ سُستي ڪري ويهندا آهن. اي ڪاش! اسان خاص ڪري فجر جي نماز ۽ ان جي برڪت سان ٻيون نمازون به وقت تي، مسجد ۾ جماعت سان پڙهڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یاالٰہی! فجر میں اٹھنے کا ہم کو شوق دے | سب نمازیں ہم جماعت سے پڑھیں وہ ذوق دے

بيچيني ۽ جي وقت پڙهڻ واري دعا

آخر ۾ پريشاني ۽ بيچيني ۽ جي وقت پڙهڻ واري هڪ دعا ٻڌي ونو! خادمِ رسول، حضرت انس بن مالک رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جڏهن ڪنهن سبب پريشان يا بيچين ٿيندا هئا ته هيءَ دعا پڙهندا هئا:

يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ

ترجمو: اي هميشه زنده رهڻ وارا! اي سڀني کي قائم رکڻ وارا! مان تنهنجي رحمت جي وسيلي سان توکان مدد طلب ڪريان ٿو.[2]

---

[1] مرقاة المفاتيح، كتاب الصلاة، باب التحريض على ...الخ، جلد:3، صفحہ:266-267،زیرِ حدیث:1219ملخصاً۔

[2] ترمذی، كتاب الدعوات، صفحہ:807، حدیث:3524۔

دَمِ اضطراب مجھ کو جو خیال یار آئے | میرے دِل میں چین آئے تو اسے قرار آئے

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي پائرو! گناهن کان نفرت جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي سعادت ماڻڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وجو! 12 ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو ونو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! زندگي سنورجي ويندي. الله پاڪ چاهيو ته دنيا کان بي رغبتيءَ جي دولت به نصيب ٿي ويندي ۽ اخلاق ۽ ڪردار به سنورجي ويندا. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **مدرسة المدينہ بالغان** به آهي، جنهن ۾ درست تجويد ۽ قراءت سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي.

حديث پاڪ ۾ آهي: توهان مان بهتر اهو آهي، جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[1] ❁ قرآن ڪريم الله پاڪ جو ڪتاب آهي ❁ اهو ٻانهن لاءِ ربَ ڪريم جو پيغام آهي ❁ پر افسوس! اڄ مسلمان قرآن ڪريم کان تمام گهٽو پري ٿيندا پيا وڃن ❁ ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏسي ڪري به صحيح نموني قرآن مجيد پڙهڻ نه ايندو آهي ❁ ۽ جن کي پڙهڻ ايندو آهي، اهي به تجويد ۽ مخارج جون اهڙيون غلطيون ڪندا آهن جن جي ڪري نماز ئي نه ٿيندي آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي مختلف مسجدن ۽ جائين تي روزانو مدرسة المدينه بالغان جا ڪلاس لڳائي قرآن

[1]...ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی تعلیم القرآن، صفحہ:675، حدیث:2907۔

ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي ۞ انهن ڪلاسن ۾ درست تجويد ۽ قراءت سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۞ فرض علوم به ٻڌايا ويندا آهن ۞ سنتون ۽ آداب به سيکاريا ويندا آهن ۞ ۽ قرآن پاڪ جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ جو موقعو به ملندو آهي. توهان به اِن ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَاللّٰه الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿيندیون. اڇو ته ترغيب خاطر هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

فيشن پرست جي زندگيءَ ۾ بهارَ اچي وئي

حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان جي رهڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مان هڪ فيشن ايبل (*Fashionable*) نوجوان هئس. دنيا جي موج مستيءَ ۾ گم، پنهنجي آخرت جي انجام کان غافل زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هئس. منهنجي گناهن ڀري زندگيءَ ۾ بهار هن ريت آئي، جو مون کي مدرسة المدينه بالغان ۾ داخلا ونڊ جي سعادت ملي وئي. بس، پوءِ منهنجي خوش بختيءَ جي سفر جي شروعات ٿي وئي. مدرسة المدينه بالغان جي برڪتن منهنجي تاريڪ دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰے صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان منور ڪري ڇڏيو. اتي مون کي قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو به مليو ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي سعادت به نصيب ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مدرسة المدينه بالغان ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگيءَ ۾ بهار اچي وئي ۽ فيشن پرستيءَ ۽ موج مستيءَ کان به نجات ملي وئي.

تراشکر مولیٰ دیا دینی ماحول	نہ چُھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگادے	نہ چُھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول[1]

[1] ... وسائلِ بخشش، صفحہ: 647-648۔

قرآن ٽيچر موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ ان سلسلي ۾ **قرآن ٽيچر** (Quran Teacher) جي نالي سان هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي ۞هن ايپليڪيشن جي ذريعي درس نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس سميت ڪيترن ئي آن لائين ڪورسن لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ۞اسٽوڊنٽ پورٽل (Student Portal) ۾ پنهنجي آن لائين ڪلاسن جي سرگرمين بابت باخبر رهي سگهجي ٿو ۞ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 50 کان وڌيڪ اسلامي ڪورسَ ڪرايا ويندا آهن ۞ هيءَ ايپليڪيشن آن لائين ٽيسٽ وارن ڪورسن بابت ۽ معلومات (Information) فراهم ڪري ٿي. توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن به ڪورس جي چونڊ ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن مشڪل جي آن لائين قرآن سکڻ لاءِ داخلا ونی سگهو ٿا. هن ايپليڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پاڻ ۽ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي ۽ ان جي ترغيب ڏياريو.

ڪجهه ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! هر ڇنڇر تي اميرِ اهلِ سنت دامت برکاتهم العالیه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن. ايندڙ ڇنڇر تي ۽ عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي تقريباً رات جو 8 لڳي 15 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٻڌندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دامت برکاتهم العالیه سوالن جا جواب ۽ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ ۽ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي ۽ ان جي دعوت ڏين ۞شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دامت برکاتهم العالیه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ "**الله پاڪ سان ملاقات جو شوق**" رسالي جو اعلان ڪيو ويندو.

هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏيارِيو ۽ سوشل ميڊيا، مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان بہ شيئر (Share) ڪريو!

مکتبةُ المدينہ حَرَمَينِ طَيِّبَين (يعني مکي ۽ مديني پاڪ) جا آداب (طريقا) سيکارڻ لاءِ نهايت جامع ۽ پُر مغز ڪتاب بعنوان: "مکي ۽ مديني جو ادب ڪريو" شايع ڪيو آهي .مکي پاڪ ۽ مديني منوره جا آداب سکڻ ۽ درٻار ۾ باادب حاضريءَ جو شرف ماڻڻ لاءِ، هن ڪتاب جو لازمي مطالعو فرمايو. هي ڪتاب مکتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان صرف 220 رپين ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿو. پاڻ بہ مطالعو فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو.

ماهِ قافلا

پيارا سلامي پائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! ماهِ قافلا جا ڏينهن جاري آهن. نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ مان عاشقانِ رسول ۞ 12 مهينا ۞ هڪ مهينو ۞ 12 ڏينهن ۞ ۽ 3 ڏينهن جي قافلن ۾ سفر ڪري رهيا آهن.

ياد رکو! نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ ان راهه ۾ مشقت برداشت ڪرڻ نبين سڳورن جي سنت آهي۞ انبياءِ ڪرام ۞ صحابهءِ ڪرام ۞۽ نيڪ ٻانها نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ پنهنجن گهرن مان نڪرندا هئا ۞ ڏُورانهن علاقن ڏانهن ويندا هئا ۞ هجرت ڪندا هئا ۽ مشقتون برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا ۞ اڳين جي قربانين جي ڪري ئي دين اسان تائين پهتو آهي.

اوهان بہ ماهِ قافلا ۾ قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪري ونو! جيڪڏهن ممڪن هجي تہ هينئر ئي پنهنجي نيت لکرائي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿيندِيون ۞قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ۞ سنتون سيکاريون ويندِيون آهن ۞ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۞ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي۞ قافلي جي برڪت سان دعائون قبول ٿيڻ ۞ مشڪلاتون دور ٿيڻ ۽ بيمارين کان شِفا ملڻ جا بہ

سوين واقعا موجود آهن ﴿ائين بہ ٿيو آهي تہ قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي همت افزائيءَ لاءِ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمائي، سندن خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ قافلي ۾ شرڪت ڪرڻ وارن کي پنهنجي ديدار جو جام پيارياڻون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي پائرو! بيان کي اختتام ڈانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سينہ تيري سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڈاڑهي رکڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مُڇون ڪٽرايو، ڈاڑهيون وڌايو ۽ مجوسين جي مخالفت ڪريو! [2]

پيارا اسلامي پائرو! ڈاڑهي رکڻ سنتِ مصطفيٰ، بلڪ سنتِ انبياء آهي ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڈاڑهي هميشہ هڪ مُٺ جي برابر هوندي هئي ❁ جيڪڏهن هڪ مٺ کان وڌي ويندي هئي تہ ان کي ڪهڻ ڪرائي ڇڏيندا هئا ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڈاڑهي مبارڪ ويڪر ۾ ايتري هئي، جو سندن مبارڪ سينو پري ڇڏيندي

---

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

[2]...مسلم، كتابُ الطہارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرَة، صفحہ:153، حديث:257۔

هئي. [1] اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ مُڇون وڌائڻ کي سخت ناپسند فرمائيندا هئا بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مُٹِ کان گهٽائڻ حرام آهي. [2]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دامت برکاتہم العالیہ جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ علَیْہِ واٰلِہٖ وَسلَّم

---

[1]...انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصتاً۔

[2]...بہارِ شریعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔